# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي ڍانچي جو خلاصو

## منصوبي جو پسمنظر

پاڪستان ۾ جون 2022ع دوران چوماسي جي شديد وسڪارن ۽ ٻوڏ غيرمعمولي تباهي مچائي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ انساني المين ۽ سانحن جنم ورتو. ملڪ جو اٽڪل 15 سيڪڙو حصو ٻڏي ويو ۽ 3 ڪروڙ ٽيهه لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا. انگن اکرن موجب 17 لک 55 هزار گهر تباهه ٿيا، جنهنڪري 5 لک 41 هزار ماڻهو بيگهر ٿي عارضي خيمن ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿي ويا. ٻوڏ جي تباهي دوران هڪ هزار 481 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا، جڏهن ته چوپائي مال کي غيرمعمولي نقصان ٿيو آهي، جنهن ۾ 9 لک 8 هزارچوپائي مال سوڙو 25 هزار وٿاڻ ٻوڏ جي وهڪرن ۾ لڙهي ويا. رپورٽن مطابق تاريخي ٻوڏ ۾ 12 هزار 418 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ رستن سوڙو 390 پليون تباهه ٿي ويون، جڏهن ته انهي جي تعداد ۾ واڌ جو خدشو آهي. ٻوڏ سنڌ جي زرعي شعبي کي سڀ کان وڌيڪ معاشي نقصان پهچايو آهي، ۽ 30 لک 60 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ آباد زمين (جيڪو مجموعي زرعي زمين جو 30 سيڪڙو آهي) مڪمل تباهه ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ووڻڻ، ڪجور، ڪڻڪ ۽ سارياڻي فصل کي غيرمعمولي نقصان ٿيو آهي. اُن ڪانسواءِ زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي سبب صنعت، خاص ڪري ٽيڪسٽائيل ۽ خدمتن جي شعبن تي ناڪاري اثر پوڻ جي توقع آهي (ملڪ جي صنعتي پيداوار ۾ ٽيڪسٽائيل جو 25 سيڪڙو حصو آهي). ٻوڏ دوران بنيادي ڍانچي جي تباهي، فصلن جي پوکي جي وقت ۾ خلل، مالياتي ادارن تي اثرن (مائيڪرو فنانس جي رپورٽ موجب قرضن جي عدم ادائگي جا مسئلا) ۽ انساني سرمايي يا آمدني جي ذريعن کي نقصان جي نتيجي ۾ پيداواري صلاحيت ڊگهي عرصي تائين متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. شروعاتي طور لڳايل ڪاٿي موجب ٻوڏ جي نتيجي ۾ قومي سطح تي غربت جي شرح ۾ 4.5 کان 7 سيڪڙو تائين وڌي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ 9.9 ۽ 15.4 ملين جي وچ ۾ ماڻهو غربت ۾ وڪوڙجي ويندا. اهڙي صورتحال جا پاڪستان جي معيشت تي هاڃيڪار اثر پوندا. هلندڙ مالي سال 2023ع ۾ پيداواري شرح اٽڪل 2 سيڪڙو ٿيڻ جا امڪان آهن. توانائي جي اگهن ۾ غيرمعمولي واڌ، روپئي جي مُلهه ۾ لاٿ ۽ زرعي شعبي جي پيداوار ۾ خلل سبب مالي سال 2023ع ۾ مهانگائي جي شرح وڌي 23 سيڪڙو ٿيڻ جو خدشو آهي. اُن ڪانسواءِ ايڪسپورٽ جي شعبن (خاص ڪري ٽيڪسٽائيل) ۾ رنڊڪن ۽ امپورٽ (خوراڪ ۽ ڪپهه) وڌڻ جي ڪري ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۾ معمولي گهٽتائي ايندي. اها گهٽتائي مالي سال 2023ع ۾ جي ڊي پي جي 4.3 سيڪڙو تائين (مالي سال 2022ع ۾ اها شرح 4.6 هئي) رهڻ جا امڪان آهن. جڏهن ته مالياتي خساري (گرانٽس سميت) جي حوالي سان اِن ڳالهه جي توقع آهي ته مالياتي خسارو (4.9 سيڪڙو بجيٽ خساري جي تناسب سان) جي ڊي پي (جُملِي ملڪي پيداوار) جو اٽڪل 6.9 سيڪڙو تائين وڌي سگهي ٿو، جيڪو ملڪي آمدني تي ٻوڏ جي ناڪاري اثرن ۽ خرچن ۾ واڌ جي عڪاسي ڪري ٿو.

پاڪستان دنيا جي اهڙن 10 ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو، جيڪو لاڳيتو ماحولياتي تبديلين جي ڪري سڀ کان وڌيڪ متاثر آهي. ماحولياتي تبديلين سبب موسمن جي شدت جي واقعن جي نه رڳو تعداد، پر شدت ۾ به غيرمعمولي تيزي آئي آهي، جنهن سان نه رڳو ماحولياتي خطا، پر ماڻهو، آباديون ۽ بنيادي ڍانچو به شديد متاثر ٿيو آهي. شديد گرمي جي لهر (هيٽ ويو)، شديد برساتن جا واقعا، ڏڪار ۽ سامونڊي طوفان جا خطرا موجود آهن. ملڪ ۾ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ گرمي پد رڪارڊ ٿيندو رهيو آهي، جتي ڪيترن ئي علائقن ۾ سالياني گرمي پد 38 ڊگري سينٽي گريڊ کان به وڌيڪ رڪارڊ ڪيو ويندو آهي. سال 2015ع ۾ هيٽ ويو دوران 65 هزار کان وڌيڪ ماڻهو گرمي لڳڻ سبب اسپتالن پيڙا ٿيا، جڏهن ته 12 سئو ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا، جِن جي اڪثريت جو واسطو سنڌ صوبي سان آهي.

پاڪستان ۾ امڪاني گرمي پد عالمي گرمي پد جي سراسري حد کان وڌيڪ آهي. ريپريزنٽيٽو ڪنسٽرڪشن پاٿ وي (RCP8.5) موجب پاڪستان ۾ گرمي پد 2081-2100ع تائين 5.3 ڊگري سينٽي گريڊ جيترو وڌڻ امڪان آهن، جيڪو عالمي سطح تي 3.7 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڌندڙ گرمي پد جي تناسب سان وڌيڪ آهي. مستقبل ۾ شديد برسات جي امڪان سبب ملڪ ۾ غيريقيني واري ڪيفيت آهي. اهڙي صورتحال ۾ غير متوقع طور شديد وسڪارن ۽ برسات دوران پيش ايندڙ واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ بهتر تياري جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. تحقيق ۾ موسمي تبديلي ۽ برسات جي شدت ۾ واڌ سبب ٻوڏ ٽوڙي موسمي ڏڪار جي واقعن ۾ شدت ۽ لاڳيتو واڌ جي خطرن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. معمول کان گهٽ برسات پوڻ سبب ڏڪار ٿيندو آهي، جڏهن ته موسمي ڏڪار جي هاڻوڪن امڪانن کي گرين هائوس گئسز خارج ٿيڻ تحت مقرر ڪيو ويو آهي.

سال 2022ع جي ٻوڏ دوران سنڌ صوبو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي. صوبي ۾ گذريل ٽن ڏهاڪن دوران سراسري طور سڀ کان وڌيڪ 400 سيڪڙو برساتون پوڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. سال 2022ع ۾ 14 جون ۽ 26 سيپٽمبر جي وچ واري عرصي ۾ سموري ملڪ ۾ 1638 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا، جِن مان 747 فوتين جو واسطو سنڌ سان آهي، جن ۾ 319 ٻار شامل آهن، جڏهن ته 8،422 ماڻهو زخمي پڻ ٿيا. سنڌ ۾ طوفاني برسات ۽ ٻوڏ دوران اٽڪل 18 لک گهر تباهه ٿي ويا، جيڪي سموري ملڪ ۾ متاثر ٿيل مجموعي گهرن جو 89 سيڪڙو آهن. رپورٽ موجب رڳو سنڌ ۾ 39 لک هيڪٽر کان وڌيڪ زرعي زمين تباهه ٿي وئي، جنهنڪري خوراڪ جي کوٽ وڌي وئي. سموري ملڪ ۾ چوماسي جي شديد وسڪارن ۽ اترين علائقن ۾ گليشيئرز ڳرڻ سبب آيل ٻوڏ جي ڪري سنڌ جا ڪيترائي علائقا اجا تائين پاڻي هيٺ آهن. ٻئي پاسي ڪيترن ئي ضلعن ۾ بيٺل ٻوڏ جو پاڻي چمڙي ۽ معدي جي عارضن سوڌو مڇرن مان پيدا ٿيندڙ ڪيترين ئي بيمارين کي جنم ڏئي رهيو آهي. ٻوڏ سبب متاثر ٿيل علائقن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ وڌيڪ ڪيترائي هفتا گهربل آهن، جڏهن ته بيٺل پاڻي مان وڌيڪ خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. انڪري سال 2022ع جي ٻوڏ متاثرن جي تڪڙي بحالي ضروري آهي.

## منصوبي جا ترقياتي مقصد

هن منصوبي جا ترقياتي مقصد هيٺين ريت آهن:

(الف) 2022ع جي ٻوڏ سبب سنڌ ۾ تباهه ٿيل بنيادي ڍانچي جي بحالي ۽ چونڊ علائقن ۾ جياپي جي وسيلن جي فراهمي.

(ب) ماحولياتي تبديلي جي اثرن ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي صلاحيت ۾ اضافو.

## منصوبي جا پاڳا

### پاڳو 1: بنيادي ڍانچي جي بحالي (350 ملين آمريڪي ڊالرز)

پهرئين پاڳي جو مقصد بحالي، نئين سر آبادڪاري، ٻوڏ کان بچاءَ واري ڍانچي، پاڻي فراهمي جي اسڪيمن، رستن ۽ لاڳاپيل ڍانچي ۾ بهتري وسيلي مقامي آبادين جي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ واري صلاحيت وڌائڻ آهي، ته جيئن اُهي انتهائي شديد ٻوڏ جهڙين حالتن جو به مقابلو ڪري سگهن. ماحولياتي تبديلي جي نقطئہ نظر ۽ معيار پٽاندڙ تيار ڪيل ڍانچو ڪتب آڻيندي نقصانن جي ڊيٽا جي بنياد تي هن پاڳي تحت ذيلي منصوبن جي ڍانچن کي حتمي شڪل ڏني ويندي.اهي طريقيڪار منصوبي جي هنگامي نوعيت هجڻ جي ڪري اختيار ڪيو پيو وڃي.

### ذيلي حصو 1.1: ٻوڏ تي ضابطو آڻڻ ۽ آبپاشي ڍانچي جي بحالي (200 ملين آمريڪي ڊالرز)

سنڌ ۾ ٻوڏ نه رڳو آبپاشي، پر ٻوڏ کان بچاءَ جي ڍانچي (بندن) کي به غيرمعمولي نقصان ڏنو آهي. ٻوڏ کان بچاءِ واري ڍانچي جي نشاندهي ڪئي ويندي ۽ "ٻيهر بهتر تعمير" واري اصول هيٺ ترجيحي بنيادن تي اُنهن کي بحال ڪيو ويندو. جڏهن ته فطري بنيادن تي عمل جوڳا حل اُن ۾ شامل آهن. ٻوڏ کان بچاءُ وارين ڪجهه تباهه ٿيل اسڪيمن ۽ حفاظتي بندن جي اڳواٽ نشاندهي ڪئي وئي آهي، جِن ۾ ايف پي بند، سُپربو بند ۽ منڇر ڍنڍ جا بچاءَ بند شامل آهن. عالمي بئنڪ جي مالي سهائتا سان سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (P155350) تحت صوبي ۾ ننڍا ڊئم تعمير ڪيا پيا وڃن، جنهن جو مقصد جر ۽ ٻوڏ جي پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ سان گڏ ٻوڏ جي وهڪرن جي شدت گهٽائڻ آهي. جڏهن ته هي حصو اجتماعي سوچ ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ پائيدار حل غور هيٺ آڻيندو، جنهن ۾ مختلف فلڊ ڊيليڊ ڊئم، فلڊ ڊسپرزن ڊئم ۽ آف لائين اسٽوريج شامل آهن. اڏاوتي سرگرمين جي تشريح هائيڊرو اڪنامڪ اپياسن پٽاندڙ پاڻي ذخيرو ڪرڻ يا واٽرشيڊ جي بنياد تي هوندي. بنا ڍانچي وارا اپاءَ ٻوڏ جا اثر گهٽائڻ واري ڍانچي جو لازمي جُز هوندا، جيئن ذيلي حصي 3.2 ۾ بيان ڪيل آهي.

### ذيلي حصو 1.2: رستن ۽ لاڳاپيل بنيادي ڍانچي جي بحالي (10 ڪروڙ آمريڪي ڊالر)

هي ذيلي حصو ٻوڏ سبب متاثر ٿيل رستن جي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت ۾ مدد مهيا ڪندو، جنهن جو مقصد عوامي سهولتن تائين پهچ بهتر بڻائڻ ۽ صوبي جي سخت متاثر علائقن ۾ سماجي توڙي معاشي سرگرمين جي بحالي لاءِ سهولت ڏيڻ آهي. اُن ڪانسواءِ هن حصي ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪم شامل آهن. هن حصي ۾ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ رستن جي بحالي ۽ بهتري سان گڏ ڪجهه ضلعن ۾ موسمي تبديلي کي برداشت ڪندڙ ڊزائين، بحالي، سرگرمين جي نگراني ۽ سار سنڀال جا ڪم شامل آهن. سنڌ سرڪار پاران ڏنل ڊگهي فهرست کان شروعات ڪندي، رستن ۽ ضلعن جي حتمي فهرست کي ڏنل معيار مطابق حتمي شڪل ڏني ويندي. انهي معيار موجب اِن ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته عوامي سهولتن تائين هر مند ۾ رسائي هجي. هي حصو بچاءَ بند مٿي ڪرڻ، نيڪال جي نالين، مورين، ڪڌن، ساوڪ، پُلين، حفاظتي لاهين جي واڌ، فرش بندي لاءِ معياري ڊزائين اختيار ڪرڻ ۽ موسمي سيڙپڪاري تائين محدود نه هوندو، پر رستن جي بنيادي ڍانچي جي

بهتري ﺑﻪ اُن ۾ شامل هوندي. اُن سان گڏ هن حصي ۾ سبز فني مهارتن سوڌو وٽڪار يا ساوڪ جو استعمال، جيو ميش، پٿرن سان بند ٻڌڻ ۽ فرش بندي شامل هونديون، جن جي مدد سان شديد گرمي پد ۽ غيرمعمولي برسات جي اثرن کي گهٽايو ويندو. نيٽ ورڪ جي سطح تي موسمي تبديلن سان ٺهڪندڙ اپائن جي رٿابندي وسيلي اسڪولن، اسپتالن، صحت مرڪزن ۽ بازارن تائين اچ وڃ جاري رکڻ واري عمل کي يقيني بڻايو ويندو.

هي ذيلي حصو بازارن ۽ عوامي سهولت جي جاين تائين محفوظ رستن جي ڍانچي ۽ اوزارن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ مدد مهيا ڪندو، جنهن ۾ پنڌ هلڻ جا رستا، موٽر سائيڪلن ۽ ٻين گاڏين کي رستن جا طرف ٻڌائڻ سوڌو ٽريفڪ جي نشانن وارا بورڊ شامل آهن. اِن قسم جا سُڌارا ٽريفڪ جي پرسڪون رواني جي اپائن کي يقيني بڻائيندا، جهڙوڪ گاڏين جي رفتار جهڪي ڪرڻ لاءِ رستن تي پٽا ٺاهڻ، اسپيڊ زون، نشان لڳائڻ، ٽريفڪ لائيٽون ۽ لوها گارڊر. اُن سان گڏ هي حصو رستن ۽ لاڳاپيل ڍانچي جي بحالي/اڏاوت ۽ ڊزائين ۾ صنفي شراڪت جا تصور توڙي عالمگير رسائيءَ جون خاصيتون ۽ اپاءَ ﺑﻪ شامل ڪندو. هن ذيلي حصي ۾ فائبر آپٽڪ وڇائڻ لاءِ بنيادي ڍانچي جي فراهمي کي ﺑﻪ غور هيٺ آڻيندو. مثال طور، مستقبل ۾ انٽرنيٽ تائين پهچ وڌائڻ لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ نالن ۽ کڏن جي کوٽائي. هي حصو سنڌ سرڪار جي ڊجيٽل منصوبن ۽ ٽيليڪام ضابطن جي روشني ۾ پورو ڪيو ويندو.

### ذيلي حصو 1.3 : پاڻي فراهمي وارن منصوبن جي بحالي (5 ڪروڙ آمريڪي ڊالر)

هي ذيلي حصو پاڻي جي فراهمي واري مخصوص يا ترجيحي ڍانچي لاءِ فنڊ مهيا ڪندو، جيڪي ٻوڏ ۾ تباھ يا شديد ماثر ٿيا هئا. صوبي لاءِ ڊي اين اي جو شروعاتي ڪاٿو اهڙن فنڊز جي نشاندهي ڪندو، جيڪي پاڻي جي فراهمي توڙي نيڪال واري تباھ ٿيل ڍانچي جي بحالي لاءِ گهربل هوندا. ٻوڏ کان پهرين صاف پاڻي ۽ صحت جي حفاظت توڙي صفائي جي حوالي سان سهولتن وارو هي ڍانچو غير فعال هو. هن منصوبي تحت پيئڻ جي پاڻي، صحت ۽ صفائي بابت سهولتون مهيا ڪرڻ وارو ڍانچو بحال ڪيو ويندو. جڏهن ﺗﻪ ٻوڏ کان بچاءَ جي سگهه وڌائڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا ويندا، ﺗﻪ جيئن مستقبل ۾ ڪنهن جاني يا مالي نقصان کان بچي سگهجي. پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جو هڪ منصوبو تياري جي مرحلي ۾ آهي، جيڪو تباھ ٿيل بنيادي ڍانچي جي رهيل حصي تي ڪم ڪرڻ سان گڏ ضرورت پوڻ تي نئون ڍانچو فراهم ڪندو.

## ڀاڱو 2: گذر سفر جي بحالي (7 ڪروڙ 50 لک آمريڪي ڊالر)

هي ڀاڱو "مزدوري عيوض روڪ اُجرت" (ڪيش فار ورڪ) پروگرام وسيلي سمورن متاثر ڳوٺن ۾ گذر سفر جا ذريعا حاصل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندو. اهو ڪم سوشل موبلائيزيشن پارٽنر (SMP) جي مدد سان ڪيو ويندو. ڪيش فار ورڪ (CfW) پروگرام عام طور سڀ کان وڌيڪ متاثر ۽ جسماني توڙي معاشي طور ڪمزور طبقن جي مدد لاءِ جوڙيا ويندا آهن، ﺗﻪ جيئن اهڙا ڪمزور طبقا هڪ سازگار ماحول ۾ ڪم يا مزدوري ڪري روڪ اجرت وٺي سگهن. اهڙي قسم جي مدد ماڻهن کي زندگي جون بنيادي گهرجون (اٽو، لٽو ۽ اجهو وغيره) پوريون ڪرڻ جي قابل بڻائيندي آهي، ﺗﻪ جيئن اهي قدرتي آفتن جي تباهي دوران صفائي توڙي بحالي جي سرگرمين ۾ ڀرهو وٺي سگهن. ڪيش فار ورڪ جون سرگرميون بي هنر يا نيم هنرمند ماڻهن کي مقامي سطح تي هلندڙ رٿائن ۾ روزگار ڏينديون، جنهن ۾ بنيادي ڍانچي (ڪميونٽي انفرا اسٽرڪچر) جي بحالي، آبپاشي نظام، ماحولياتي نظام، زميني سونهن جي بحالي، مٽي جو تحفظ ۽ رستن جي اڏاوت توڙي سار سنڀال شامل آهن. ڪيش فار ورڪ پروگرام جا مقصد هيٺين ريت آهن:

- غريب ۽ معاشي طور ڪمزور گهراڻن کي ٿوري مُدي لاءِ محدود پئماني تي پورهئي ذريعي معاشي ذريعا ۽ آمدني فراهم ڪرڻ شامل آهي، جنهن سان اُهي پنهنجي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهندا.
- مقامي سطح تي عوامي ملڪيتن، اثاثن ۽ بنيادي ڍانچي جي اڏاوت توڙي بحالي شامل آهي، جنهن تحت هنگامي ۽ بنيادي خدمتن کي پائيدار بڻايو ويندو، جهڙوڪ صاف پاڻي جي فراهمي، نيڪال، رستا ۽ ماحولياتي اثرن کان بچاءُ جا ڍانچا. اهي سرگرميون ماحولياتي خطرن کان بچڻ ۾ مقامي آبادين جي صلاحيت کي وڌيڪ سگهارو ڪن ٿيون.

**هن حصي تحت هيٺ ڄاڻايل ٻه رُخي طريقيڪار سان حقدارن کي ترجيح ڏني ويندي.**

- **سخت متاثر ضلعا، تعلقا ۽ يونين ڪائونسلون:** سنڌ سرڪار جي انگ اکرن پٽاندڙ يوسي ۽ تعلقي سان گڏ ضلعن جي هڪ فهرست کي ترجيح ڏني ويندي، تہ جيئن پهرئين مرحلي (6 مهينا) ۾ گذرسفر جي بحالي ۾ مدد ڪئي ويندي. هڪ علائقي ۾ پروگرام مڪمل ٿيڻ بعد اُن کي ٻين علائقن ۾ شروع ڪيو ويندو.
- **غريب ۽ ڪمزور طبقن جي سڃاڻپ لاءِ نيشنل سوشيو اڪنامڪ رجسٽري (NSER) ڊيٽابيس کي استعمال ڪندي غريب کان غريب تر ماڻهن جي نشاندهي:** ترجيحي علائقن ۾ اين ايس اي آر ڊيٽا ڳوٺن يا پاڙن جي سطح تي غريب کان غريب تر ماڻهن جي نشاندهي لاءِ استعمال ڪئي ويندي. جتي ضرورت هجي، اُتي قائم ڳوٺ/پاڙي جي سطح تي رجسٽري (سنڌ حڪومت پاران تيار ڪيل) وسيلي حقدارن جي اهليت کي لاڳاپيل جاچ پڙتال جي حوالن سان درج ڪيو ويندو يا وري ڪيش فار ورڪ پاڳي تحت تيار ڪيو ويندو.
- **ڳوٺاڻي سطح تي گهريلو رجسٽريشن کي استعمال ڪندي غريب ترين ماڻهن جي نشاندهي ڪرڻ:** سنڌ جا گهڻا ضلعا (سنڌو درياهہ جي ساڄي پاسي وارا علائقا) سنڌ سرڪار جي يوسي سطح تي غربت گهٽايو پروگرام مان فائدو وٺي چڪا آهن، جنهن تحت يوسي سطح جي ڊيٽا بيس کي هڪ هنڌ سهيڙيندي هر ڳوٺ ۾ خوشحالي ۽ دولت جي درجي بندي ڪئي وئي. هن رجسٽري/ڊيٽا بيس ۾ غريب تر ۽ ڪمزور گهراڻن جي نشاندهي سندن پنهنجي ڪميونٽي پاران ڪئي وئي آهي. هي منصوبو هڪ ايس ايم پي جي مدد سان مقامي آبادين جي راءِ معلوم ڪندو، ۽ ڳوٺ/پاڙي جي سطح تي سڀ کان وڌيڪ مستحق گهراڻن (اين ايس اي آر ۽ دولت توڙي خوشحالي جي درجي بندي جي تصديق وسيلي) جي تصديق ڪندو. جتي اهڙي قسم جي ڄاڻ دستياب نہ هجي، تہ ايس ايم پي پاران آبادي جي سهڪار سان درجي بندي ڪرڻ سان گڏ هڪ رجسٽري جي سار سنڀال ڪئي ويندي.

رٿا مان فائدو حاصل ڪندڙ آبادي پاران ڄاڻايل طريقيڪار پٽاندڙ شراڪتي اهليت بابت معيار جي تياري ۽ تصديق ڪئي ويندي، جنهن ۾ ڪمزور ترين طبقن يا گهراڻن کي ترجيح ڏني ويندي. عورتن، بزرگ ۽ معذور ماڻهن تي توجهہ ڏني ويندي ۽ ڪين موقعو ڏنو ويندو تہ مزدوري يا ڪم ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجي پاران ڪوبہ ماڻهو نامزد ڪن. ڳوٺ جي معمول واري صفائي سُٿرائي، مزدورن لاءِ ڪاڌو پچائڻ، مڇر داڻيون ۽ رليون وغيره ٺاهڻ جهڙن مناسب ڪمن ۾ عورتن جي گهٽ ۾ گهٽ 30 سيڪڙو شرڪت جي ضمانت ڏني ويندي.

## ڀاڱو 3: قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارتي صلاحيت وڌائڻ ۽ فني مدد (6 ڪروڙ 50 لک آمريڪي ڊالر)

**ذيلي حصو 3.1: سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس جو دائرو وڌائڻ (4 ڪروڙ 50 لک آمريڪي ڊالر).** ايس آر پي تحت مئي 2022ع ۾ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس کي (ريسڪيو1122) اُن جي آپريشنل سرگرمين سان گڏ قائم ڪيو ويو ۽ اُها سنڌ جي شهرين کي زندگي بچائڻ، هنگامي موت ۽ حفاظت جون خدمتون مهيا ڪري رهي آهي. هن وقت اهو ادارو مخصوص ضلعن ڪراچي، سڄاول، ٺٽو، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، دادو ۽ قمر شهدادڪوٽ ۾ خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي. جڏهن تہ اُن جو دائرو سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبيليٽيشن پروجيڪٽ تحت آزاد ۽ خودمختيار خدمت جي صورت ۾ ٻين ضلعن تائين وڌايو ويندو، تہ جيئن ٻوڏ، باهہ لڳڻ جي واقعن، زلزلي ۽ طوفان سوڌو صحت جي هنگامي حالتن ۾ فوري توڙي وقتائتيون خدمتون فراهم ڪري سگهجن. سکر، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، بدين ۽ ڄامشورو ضلعن کي ايس ايف اي آر پي تحت هن رٿا ۾ شامل ڪيو ويندو، جيڪي سال 2022ع جي ٻوڏ ۾ شديد متاثر ٿيا هئا.

**ذيلي حصو 3.2: ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري (2 ڪروڙ آمريڪي ڊالر).** هي ذيلي حصو لاڳاپيل ڪاتن ۾ تيارين جي صلاحيت وڌائڻ جو ڪم ڪندو، تہ جيئن اُهي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ، رٿابندي ۽ قدرتي آفتن ۾ انتظامن لاءِ رابطہ ڪاري کي بهتر ڪري سگهن. امڪاني سرگرمين ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪم شامل ٿين ٿا.

(الف) سنڌ ۾ سرگرمين يا آپريشنل سطح تي اپاءُ جي سلسلي ۾ منصوبي جي تياري. (ب) ايس آر پي تحت قائم ڊسيشن سپورٽ سسٽم (ڊي ايس ايس) جو دائرو وڌائڻ، جنهن ۾ درياهي ٻوڏ سان گڏ برساتي ٻوڏ کي بہ شامل ڪيو ويندو. (ب) تجرباتي مشقون ڪيون وينديون تہ جيئن ايس او پيز ۽ رٿائن جو اثرائتو هجڻ بابت اندازو لڳائي سگهجي، جنهن سان گڏ هنگامي حالتن دوران ماڻهن کي ڪڍڻ ۽ ابتدائي اپائن ۾ اڳواٽ آگاهي ڦهلائڻ ۽ ترت قدمن جو نظام بہ شامل آهي، گڏوگڏ معذور ماڻهن، گذر سفر ۽ مختلف شعبن تائين پهچ يقيني بڻائيندي آبادي جي صلاحيت وڌائڻ بہ اُن جو حصو آهي.

ٻوڏ جا اثر گهٽائڻ وارا اپاءَ تڏهن لاڀائتا ثابت ٿيندا، جڏهن انهن جي ڊزائين ۽ عملدرآمد ۾ ڍانچي ۽ بنا ڍانچي وارا گڏيل اپاءَ شامل ڪيا ويندا. جڏهن ته خطرن جو ٻن رُخن ۾ جائزو ورتو ويندو. (1) ڍانچي وارا اپاءَ وڏي ٻوڏ جي امڪانن کي گهٽائي سگهن ٿا. (2) بنا ڍانچي وارا اپاءَ ٻوڏ جي اثرن يا نتيجن کي گهٽائي سگهن ٿا. مُکيه ڍانچي وارا اپاءَ ٻوڏ جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي حوالي سان آهن. بيسن ۾ ٻوڏ جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت نه هجڻ جي صورت ۾ ٻوڏ کي مٿي ڄاڻايل سطح تائين آڻڻ ڏکيو هوندو. هي ذيلي حصو ڊگهي مُدي وارو اسٽريٽيجڪ اڀياس (فزيبلٽي اسٽڊيز، سروي لاءِ مشاورتي خدمتون، ماحولياتي ۽ سماجي جائزووغيره) ۾ سهڪار ڪندو، جيڪو سنڌ ۾ ٻوڏ جي وڌندڙ اثرن کي گهٽائڻ بابت سرگرمين جي باري ۾ آهي. اهي اڀياس خاص ڪري 2022ع جي ٻوڏ ۽ برساتن جي پسمنظر ۾ بنيادي ڍانچي ۾ گهٽ سوڌاين بابت ڄاڻ تي ٻڌل هوندا. هي اڀياس بئنڪ جي مستقبل ۾ ايندڙ منصوبن جي تيارين ۾ مدد فراهم ڪندا. خاص ڪري ٻوڏ جي انتظامڪاري ۾ (1) ٻوڏ بابت اڳواٽ اطلاع، ۽ (2) ٻوڏ ۾ هنگامي اپائن جي رٿابندي (اهي ٻئي بنا ڍانچي وارا قدم آهن) شامل آهن. ٻوڏ بابت اڳواٽ اطلاع جو نظام ٻوڏ کي روڪيندڙ ڍئمن جي صلاحيت ۽ ڪارڪردگي ۾ گهٽ پاڱي اضافو ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته اهو نظام هيٺ ڄاڻايل قدمن ۾ مدد فراهم ڪندو.

الف: پاڻي جي ذخيرن ۾ گهٽتائي جا امڪان، جڏهن پاڻي جي ذخيرن تائين ٻوڏ پهچي ته اُنهن کي وڌ کان وڌ رستا ڏنا وڃن.

ب: ٻوڏ دوران بيسن ۾ پاڻي جي سمورن ذخيرن جي سرگرمين جي رابطه ڪاري، ته جيئن هيٺيان وهڪرا گهٽائڻ جا مقصد حاصل ٿي سگهن.

ت: الارم سسٽمن جو قيام عمل ۾ آڻڻ، ته جيئن هنگامي اپائن جي منصوبن تي عمل يقيني بڻايو وڃي.

## ڀاڱو 4: منصوبي جي انتظامن ۽ عملدرآمد جي سرگرمين تي خرچ (هڪ ڪروڙ آمريڪي ڊالر)

هي حصو پروجيڪٽ امپليمينٽ يونٽ (PIU) سان گڏ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي (SID) ۽ رٿابندي کاتي (اڳوڻو ايس آر پي_ پي ڊي ايم اي، پي آءِ يو) تحت ٻين سرگرمين لاءِ مالي وسيلا فراهم ڪندو، جنهن ۾ ٻين شين سان گڏ منصوبي جا انتظام، پروڪيورمينٽ، ٽيڪن جا انتظام، عوامي آگاهي، مالياتي انتظامن جون سرگرميون، فني آڊٽ، اڏاوتي سرگرمين جي نگراني، ماحولياتي ۽ سماجي معيار تي عملدرآمد جي نگراني، سماجي شراڪتداري جي هدف تي عملدرآمد جي نگراني، مانيٽرنگ اينڊ ايووليوشن (M&E) جون سرگرميون ۽ شڪايتن جي ازالي جو نظام (GRM) شامل آهن. مانيٽرنگ اينڊ ايووليوئيشن ٻين شين سان وچولن ۽ تڪميل جي راءِ سميت منصوبن جي رپورٽن جي تياري، ابتدائي اڀياس ۽ آڊٽ (ضرورت موجب مالياتي، فني، ماحولياتي ۽ سماجي) شامل آهن. هن حصي ۾ مالياتي اوزار (مناسب مسواڙ يا خريداري)، خدمتن ۽ پي آءِ يوز جي اثرائتين سرگرمين لاءِ گهربل ننڍا ڪم شامل آهن. جهڙوڪ، گاڏيون، ڄاڻ جي مٽاسٽا ۽ رابطه ڪاري جا اوزار (ليپ ٽاپ ۽ پرنٽر وغيره سان گڏ)، آفيس فرنيچر ۽ سامان، جاءِ جي مسواڙ ۽ مرمتي ڪم شامل آهن.

## ڀاڱو 5: اتفاقي هنگامي حالتن ۾ اپاءَ يا قدم

اڀُرندڙ فطري واقعن جي ڪري تباهي يا هنگامي حالتن جي صورتحال پيدا ٿئي ٿي، انڪري سنڌ سرڪار امدادي ڪمن ۽ نئين سر اڏاوت ۾ مدد طور منصوبن لاءِ ٻيهر فنڊز مخصوص ڪرڻ جي حوالي سان عالمي بئنڪ کي درخواست ڏئي سگهي ٿي. هي حصو سنڌ سرڪار کي منصوبي جي ٻين حصن مان مالي وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ عالمي بئنڪ کي گذارش ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو، جيڪا هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ خرچن جي ادائگي ۾ مدد ڪندي. هي حصو اضافي مالي مدد جي وسيلي طور استعمال ڪري سگهبو، جيڪي اهڙي قسم جي هنگامي حالتن لاءِ دستياب هجڻ گهرجن.

## منصوبي مان فائدو وٺندڙ ماڻهو

هي منصوبو ڪشمور، قمبر- شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، دادو، سيوهڻ، خيرپور ناٿن شاهه (ڪي اين شاهه)، سانگهڙ، خيرپور ميرس ۽ بدين سوڌو سنڌ جي ٻين علائقن ۾ عوام کي آبپاشي توڙي نيڪال جو بهتر ڍانچو مهيا ڪندو. گڏوگڏ مٿي ڄاڻايل ضلعن ۾ آبادين کي محفوظ بڻايو ويندو. ابتدائي ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته کيرٿر جي پهاڙي سلسلي ۾ رهندڙ اٽڪل هڪ ڪروڙ آبادي کي برساتي ٻوڏ کان محفوظ ڪيو ويندو، ۽ 3.77 ملين ايڪڙ زرعي زمين سان گڏ سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن، رستن، پلين ۽ ريلوي لائينز کي به محفوظ بڻايو ويندو. اهي سڀ ملڪ ۾ صنعت، واپار ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا.

## اي ايس ايم ايف جا مقصد

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) کي عالمي بئنڪ جي مالي مدد حاصل آهي، جنهن لاءِ عالمي بئنڪ کي ماحولياتي ۽ سماجي فريم ورڪ (ESF) تي عملدرآمد جي ضرورت آهي. ماحولياتي ۽ سماجي فريم ورڪ (ESMF) اي ايس ايس _1 تحت تيار ٿيل اهڙو دستاويز آهي، جيڪو هڪ منصوبي لاءِ ٺهه ٿيل سرگرمين کي امڪاني خطرن توڙي اثرن جي جائزي جو ڪم ڪندو آهي، جتي ذيلي منصوبن ۽ ڪم جي جاين جي چونڊ نه ٿيل هجي. جڏهن ته ذيلي منصوبن لاءِ مناسب جاين جي چونڊ اجا ٿيڻي آهي. ايس ايف اي آر پي هن ايس ايم ايف وسيلي هڪ فريم ورڪ اختيار ڪندو آهي، ۽ اصول، قاعدا، رهنما اصول ۽ طريقيڪار طئہ ڪندو آهي ته جيئن ماحولياتي ۽ سماجي خطرن سوڌو منصوبي جي اثرن جو اندازو لڳائي سگهجي. هي دستاويز سماجي ۽ ماحولياتي خطرا توڙي منصوبي جا اثر گهٽائڻ جي اپائن ۽ رٿابندي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ اپائن تي خرچ جو ڪاٿو ۽ اهڙين ايجنسين بابت ڄاڻ بہ شامل آهي، جيڪي انهن خطرن کي منهن ڏيڻ واري پنهنجي صلاحيت سان اثر گهٽائڻ جون ذميوار آهن.

## قانون ۽ عالمي بئنڪ جا معيار

قومي ۽ صوبائي قانون سميت عالمي بئنڪ جي ماحولياتي ۽ سماجي فريم ورڪ (ESF) تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجزيو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مناسب ماحولياتي پاليسين، قانون، رهنما اصول، ايڪٽ ۽ پاڪستان توڙي سنڌ حڪومت جي قانون جي باري ۾ تجزيو شامل آهي. ايس ايف اي آر پي سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 2014ع ۽ سنڌ انوائرنمينٽل اسٽينڊرڊس (SEQS) سان گڏ عالمي بئنڪ جي ماحولياتي ۽ سماجي معيارن (ESSs)، رهنمائي ڪندڙ اصول ۽ اي ايس ايم ايف ۾ بيان ڪيل قاعدن جي مڪمل پاسداري ڪندو.

## ماحولياتي ۽ سماجي بيس لائين (شروعاتي انگ اکر)

### ماحولياتي بيس لائين

سنڌ صوبو گرم آبهوا (subtropical) واري خطي ۾ واقع آهي، جيڪو سياري ۾ ٿڌو ۽ اونهاري ۾ گرم هوندو آهي. سنڌ کي ماحولياتي لحاظ کان ٽن خطن ۾ ورهايو ويو آهي: سِرو (اُترين خطو، جنهن جو مرڪز جيڪب آباد آهي)، وچولو (وچولو خطو، جنهن جو مرڪز حيدرآباد آهي) ۽ لاڙ (هيٺانهون خطو، جنهن جو مرڪز ڪراچي آهي). سنڌ کي جاگرافيائي لحاظ سان چئن مختلف پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: اولهہ ۾ کيرٿر، وچ ۾ سنڌو درياهہ جو ميداني علائقو، اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ وارياسو خطو ۽ ڏکڻ ۾ انڊس ڊيلٽا آهي.

يونيسڪو پاران ڪيل ماحولياتي درجي بندي تحت هن خطي کي ٽن خطن ۾ ورهايو ويو آهي. ساحلي خطو_ ٺٽي جو ڏاکڻو حصو: ڏاکڻو علائقو_ ٺٽي کان حيدرآباد ذريعي نواب شاهہ تائين ۽ اُترين علائقو_ نواب شاهہ کان جيڪب آباد تائين. هتي آگسٽ ۽ مئي جي وچ ۾ گرمي پد عام طور 46 سينٽي گريڊ (115 فارن هائيٽ) کان وڌي ويندو آهي، جڏهن ته ڊسمبر ۽ جنوري ۾ پارو سراسري طور گهٽ ۾ گهٽ 2 سينٽي گريڊ (36 فارن هائيٽ) ٿيندو آهي. ساليانو برساتن جو تناسب 9 انچ (230 ملي ميٽر) آهي، جڏهن ته برساتون جون ۽ سيپٽمبر جي وچ واري عرصي ۾ ٿينديون آهن. چوماسي جون هوائون فيبروري جي وچ ۾ اتر اولهہ کان لڳڻ شروع ٿينديون آهن ۽ سيپٽمبر جي آخر تائين هلنديون آهن. جڏهن ته سياري جي مُند ۾ آڪٽوبر کان جنوري تائين اُتر کان ٿڌيون هوائون لڳنديون آهن. هونئن سنڌ ٻن چوماسن جي وچ ۾ اچي ٿي. هندي سمنڊ کان ڏکڻ اولهہ وارو چوماسو ۽ اتر اوڀر وارو يا مانو ٿيندڙ چوماسو. هماليا جا پهاڙ اُنهن جو رُخ سنڌ ڏانهن موڙي پاڻ کي ٻنهي جي اثرن کان بچائي وٺندا آهن. سنڌ ۾ ساليانو برساتن جو تناسب 9-8 انچ (23-20 سينٽي ميٽر يا 230-200 ملي ميٽر) آهي. سال ۾ 2 پيرا سنڌو درياهہ ۾ چاڙهہ سان خطي ۾ گهٽ وسڪارن جو ازالو ٿي ويندو آهي. اها چاڙهہ بهار ۽ اونهاري جي مُندن ۾ برف ڳرڻ ۽ چوماسي جي وسڪارن جي ڪري ايندي آهي. چٽاڀل فطري وايو منڊل ۾ ڪجهہ عرصي کان تبديليون اچي رهيون آهن، جنهن جو ڪارڻ سنڌو درياهہ تي ڊئمن ۽ بئراجن جي اڏاوت آهي. سنڌ جي ڏکڻ اپرندي جي ڪجهہ علائقن ۾ 36 انچ (91 سينٽي ميٽر ۽ 810 ملي ميٽر) کان وڌيڪ برساتون رڪارڊ ڪيون ويون، جڏهن ته ڪجهہ شهرن ۾ وڏي پئماني تي تيز برساتون پيون. سال 2005ع ۾ حيدرآباد ۾ رڳو 11 ڪلاڪن دوران 14.4 انچ (37 سينٽي ميٽر ۽ 310 ملي ميٽر) برسات ٿي. پڊ عيدن (نوشهروفيروز ضلعي جو شهر) ۾ سال 2022ع ۾ چوماسي جون برساتون 1722 ملي ميٽر رڪارڊ ڪيون ويون. اهي برساتون پاڪستان ۾ 2002ع واري تاريخي ٻوڏ جو حصو هيون ۽ اُنهن کي پاڪستان ۾ موسمن جي شدت وارن واقعن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

تجويز ڪيل منصوبا وچولي درجي جي آبادي وارن علائقن ۾ اچن ٿا، جتي وڏي پئماني تي صنعتي يا ڪاروباري سرگرميون نہ ٿينديون آهن. ڪچن رستن تي گاڏين جي اچ وڃ ڌوڙ جو ڪارڻ بڻجي ٿي، جنهن جا مقامي آبادين تي ناڪاري اثر پوندا آهن. مرڪزي ۽ ڳتيل آبادين وارن علائقن ۾ گاڏين مان نڪرندڙ دونهون زهريلا مادا، ڪاربن مونو آڪسائيڊ، سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ نائيٽروجن آڪسائيڊ ڪي وايو منڊل ۾ ڇڏيندو آهي. زهريلين گئسن جي اخراج سان پرپاسي جي علائقن ۽ رستن جي هوا متاثر ٿئي ٿو. بهرحال، قومي شاهراهن ۽ ٻين وڏن رستن جي ڀيٽ ۾ منصوبي جي سرگرمين وارن علائقن ۾اهي زهريليون گئسون گهٽ خارج ٿينديون آهن. گاڏين جا هارن ۽ آٽو رڪشا جا سائيلينسر لاڳاپيل علائقن ۾ آواز جي گدلاڻ وڌائين ٿا. شهرن کان ٻاهر وارن علائقن جي حوالي سان ڪي بہ انگ اکر نہ آهن، پر ڪاروباري سرگرميون گهٽ هجڻ ڪري گاڏين جو استعمال بہ گهٽ ٿئي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ اُهي علائقا آواز جي گدلاڻ کان گهڻي ڀاڱي محفوظ آهن.

منصوبي واري علائقي ۾ ساوڪ جي ٻيلن (جتي جهجهي تعداد ۾ جڙيون ٻوٽيون ۽ ٻوٽا آهن) جي حساب سان درجي بندي ڪري سگهجي ٿي. وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا ڪمزور زمين ۽ برساتن ۾ گهٽ وڌائي سان گڏ هتان جي ماحولياتي حالتن ۾ ٺهڪي ويندا آهن. خطي جي زمين وارياسي ۽ چيڪي مٽي واري آهي. جڏهن تہ اُپرندو علائقو سيلابي زمين تي ٻڌل هجڻ ڪري زبردست ساوڪ کي برقرار رکڻ ۽ وڌائڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

منصوبي جي علائقي ۾ ڪير ڏيندڙ جانورن جي 8 جنسن لاءِ پناهگاهہ آهي، جِن ۾ گدڙ، انڊين لومڙ، ڳاڙهو لومڙ، نور، جهنگلي ٻلي ۽ سوئر جي موجودگي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ڪير ڏيندڙ جانورن جا سمورا علائقا عام آهن ۽ اُنهن کي آءِ يو سي اين جي ريڊ لسٽ ۾ گهٽ خطري (ايل سي) واري ڪيٽيگري ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پناهگاهن ۾ ٿوري پئماني تي 13 ننڍن ڪيرپياڪ جانورن جي موجودگي عام آهي، اُنهن کي بہ آءِ يو سي اين جي فهرست ۾ گهٽ خطري واري ڪيٽيگري ۾ رکيو ويو آهي. اڀياس هيٺ آيل علائقي ۾ زمين توڙي پاڻي ۾ رهندڙ 2 جانورن سان گڏ ريڙهيون پائيندڙ 21 جانورن جا نسل رڪارڊ ڪيا ويا آهن.

ڪوهستان جو پهاڙي سلسلو ڪيرٿر پهاڙي سان ڳنڍيل آهي ۽ اها ملڪ جي سڀ کان وڏي جابلو پٽي آهي. اها جابلو پٽي وچولي_ اپرندي بلوچستان ۾ مولا درياهہ کان 190ميل (300 ڪلوميٽرز) ڏکڻ طرف ۽ عربي سمنڊ تي ڪراچي جي مبارڪ ڳوٺ ويجهو ڪيمپ مونزي (مواري) تائين پکڙيل آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ دادو ضلعي کان ڄامشوري جي جابلو پٽي تائين ڦهليل آهي.

ڪيرٿر نيشنل پارڪ سنڌ جي ضلعي دادو ۽ ڄامشورو ۾ ڪيرٿر جابلو پٽي تي واقع آهي. سال 1974ع ۾ پارڪ قائم ڪيو ويو ۽ 3087 چورس ڪلوميٽر ايراضي تي پکڙيل آهي. اهڙي ريت پاڪستان ۾ هنگول نيشنل پارڪ کانپوءِ ڪيرٿر نيشنل پارڪ کي سڀ کان وڏو پارڪ قرار ڏنو ويو آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ ڪراچي کان اُتر پاسي 80 ڪلوميٽرز جي فاصلي تي دادو ۽ ملير ضلعن جي حدن ۾ اچي ٿو، جنهن جو هيڊڪوارٽر ڪرچات ڪراچي کان 160 ڪلوميٽرز جي فاصلي تي واقع آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ پاڪستان جو ٻيون وڏو پارڪ آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ ٻوڏ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ 11 ننڍا ڊئم تجويز ڪيا ويا آهن، پر اهر منصوبا جهنگلي جيوت توڙي جانورن لاءِ مرڪز قرار ڏنل علائقن (ڪرچات ۽ ڪار) کان گهڻو پري آهن.

### سماجي بيس لائين

سنڌ آبادي جي لحاظ سان پاڪستان جو ٻيون وڏو صوبو. سال 2017ع ۾ ٿيل آدمشماري دوران سنڌ ۾ 38842 آدمشماري جي بلاڪس کي ڳڻپ ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن مطابق تہ سنڌ جي آبادي 4 ڪروڙ 78 لک، 89 هزار آهي، جڏهن تہ 85 لک 90 هزار گهراڻا ڳڻيا ويا. ٻهراڙي جي سراسري آبادي 2 ڪروڙ 30 لک ماڻهن ۽ 42 لک گهراڻن تي ٻڌل آهي. جڏهن تہ مٿي ڄاڻايل گهر صوبي جي 83 تعلقن ۾ اچن ٿا. سنڌ جا مجموعي طور 134 تعلقا آهن، جِن مان 83 ٻهراڙي ۽ 51 شهري علائقن ۾ شامل آهن.

ٻهراڙي جي سراسري آبادي ۽ تعلقي سطح تي گهراڻن جو تعداد ترتيبوار 108،277 ۽ 602،50 لڳايو ويو آهي. صوبي ۾ آبادي جي گهاٽائي ۽ في چورس ڪلوميٽر تي آبادي جي تناسب سان هڪ چورس ڪلوميٽر تي 339 ماڻهو رهن ٿا، اهو انگ 981ع ۾ رپورٽ ٿيل في چورس ڪلوميٽر تي 135 ۽ 1998ع ۾ في چورس ڪلوميٽر تي 213 ماڻهن جي تناسب کان وڌيڪ آهي.

سنڌ کي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي ۽ صوبي جا شهر تاريخي طور خطي ۾ صنعت ۽ واپار لاءِ مرڪزي حيثيت رکن ٿا. سنڌ ۾ قدرتي وسيلن سان گڏ وڌندڙ صنعتي بُنياد موجود آهن. جڏهن ته نسبتن ترقي يافتا بنيادي ڍانچو، انساني وسيلا، 2 وڏيون بندرگاهون، فعال مواصلاتي نيٽ ورڪ ۽ جديد ترين مالياتي توڙي خدمت جا شعبا ۽ قدرتي وسيلا موجود آهن. سنڌ جي ساحلي پٽي 350 ڪلوميٽرز تي مشتمل آهي، جيڪا تمر جي ٻيلن ۽ زبردست پيداواري وسيلن سان مالا مال آهي. پاڪستان مان اڌ کان وڌيڪ سنڌ جي مچي ڏيساور اُماڻي ويندي آهي: سنڌ جو ڏاکڻو اپرندو خطو صوبي جو غريب ترين خطو آهي. ٻئي پاسي، وچولي سنڌ ڪجهه گهٽ غريب ۽ ڏاکڻيو اُلهندو خطو سڀ کان گهٽ غريب آهي.

## مختلف ڌرين جي شرڪت ۽ آگاهي

منصوبي لاءِ اسٽيڪ هولڊر انگيجمينٽ پلان (SEP) تيار ڪيو ويو آهي. هي پلان منصوبي جي اسٽيڪ هولڊرز يا لاڳاپيل ڌرين جي نشاندهي سان گڏ سرگرمين تي ڌيان ڏئي ٿو، جڏهن ته شراڪتي ۽ نتيجا ڏيندڙ مشاورت سوڌو معلومات ونڊڻ واري تصور بابت ڄاڻ مهيا ڪري رهيو آهي. هي حتمي دستاويز نه آهي ۽ ضرورت پوڻ تي ڪٿي به منصوبي جي وسيلي اُن ۾ وڌيڪ بهتري آندي ويندي، جڏهن ته اها بهتري نوَن اسٽيڪ هولڊر، انتظامي طريقيڪار ۽ منصوبي جي تبديل ٿيندڙ گهرجن کي شامل ڪرڻ لاءِ هوندي. منصوبي جي تياري جي مرحلي ۾ نشاندهي ڪيل لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪيا ويندا، جنهن ۾ لاڳاپيل حڪومتي شعبن سوڌو ضلعي سطح تي مقرر عملي، اين جي اوز، سي ايس اوز، نجي ڪمپنين ۽ ٿنڪ ٽينڪ جا نمائندا شامل ڪيا ويا آهن.

## ماحولياتي ۽ سماجي اثر ۽ اثرن کي گهٽائڻ جا اپاءَ

شروعاتي تجزئي مطابق منصوبي جي تعمير ۽ اُن تي عملدرآمد جي مرحلن ۾ سماجي ۽ ماحولياتي منفي اثرن جي توقع آهي. اڪثر ماحولياتي اثر عارضي هوندا، جِن تي سولائي سان ضابطو آڻي سگهجي ٿو. اهي سمورا اثر گهٽائڻ جا اپاءَ هر وقت دستياب هوندا.

- ڊزائين ۽ اڏاوتي مرحلي ۾ جيڪي اثر پئجي سگهن ٿا، اُنهن ۾ زميني گدلاڻ، آواز جي گدلاڻ، گند ڪچري جو پيدا ٿيڻ، ٽرئفڪ ۽ روڊ سيفٽي، پاڻي وسيلن جي گدلاڻ، اڏاوتي ڪيمپ مان گدلي پاڻي جو نيڪال، ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ، عوامي جاين تي اثر، سماجي طور برادرين کي ڪيڏڻ ۽ گذر سفر جا ذريعا (ڪيش فار ورڪ) شامل آهن. جڏهن ته زمين حاصل ڪرڻ ۽ غيررضاڪاراڻي طور بحالي يا آبادڪاري، عملي جي صحت ۽ تحفظ، ماحولياتي نظام ۾ رُخني، وبائي بيمارين ۽ آبادي سان گڏ لاپائيتين سرگرمين جي ڪوٽ، ٻاهرين مزدورن جي آمد، جينڊر بيسڊ وايولينس/جنسي طور استحصال ۽ تشدد ڪرڻ/جنسي طور هيسائڻ جي ڪري به ناڪاري اثر پوڻ جا امڪان آهن. ڪيش فار ورڪ سان لاڳاپيل خطرن، جبري ۽ ٻارن جي پورهئي، ڪم دوران غيرمعمولي طبعي ۽ ثقافتي آثار ملڻ جا امڪان، متاثر روڊ نيٽ ورڪ جي بحالي ۽ اڏاوت ۽ ڳوٺاڻي سطح تي رستن جي پُلين جي تعمير به شامل آهن.
- عملدرآمد جي مرحلي ۾ جِن اثرن جا امڪان آهن، اُنهن ۾ محدود ادارتي سگهه ۽ رٿائن جي پائيداري شامل آهي.

منصوبي جي هر اثر کي گهٽائڻ لاءِ وسيع اپاءَ تجويز ڪيا ويا آهن. جڏهن ته نشاندهي ٿيل خطرن ۽ اُنهن جا اثر گهٽائڻ جا قدم تجويز ڪيل منصوبي جي سرگرمين بابت ماحولياتي ۽ سماجي دستاويز (ESIA/ IEE/ ESMP/ Checklist) جي تياري ۾ رهنمائي ڪن ٿا.

## ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي فريم ورڪ تي عملدرآمد

جيئن تي انفرادي سرگرمين لاءِ صحيح هنڌن جي اڃا چونڊ ٿيڻي آهي، تنهنڪري فريم ورڪ وارو طريقيڪار اختيار ڪندي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو ڪيو ويو آهي. اِن طريقيڪار تحت هر ذيلي منصوبي جي جاچ پڙتال ڪئي ويندي، ته جيئن ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي نوعيت جو اندازو لڳائي سگهجي. ابتدائي جائزي مان حاصل ٿيل نتيجا لاڳاپيل ماحولياتي ۽ سماجي دستاويزن جي تياري توڙي چونڊ ۾ رهنمائي مهيا ڪندا.

منصوبي جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظاميا پاران هيٺ ڄاڻايل طريقيڪارن تي عملدرآمد ڪيو ويندو.

1. هر ذيلي منصوبي جي شروعاتي ماحولياتي ۽ سماجي معلومات گڏ ڪرڻ، جنهن ۾ طبعي، حياتياتي ۽ سماجي معاشي ڊيٽا شامل هوندي.
2. ضميمو الف: شروعاتي ماحولياتي ۽ سماجي جائزي جي چيڪ لسٽ مطابق ذيلي منصوبي جي سماجي ۽ ماحولياتي درجي بندي ۽ ابتدائي جائزو.

3. معلومات کي عوام تائين پهچائڻ ۽ لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت

4. هر منصوبي لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو جائزو (ESIA) يا ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي پلان (ESMP) جي تياري، جنهن ۾ خطرن، اثر گهٽائڻ جي اپائن، ٻين ماحولياتي ۽ سماجي دستاويزن ۽ انتظامن جي شروعاتي بجيٽ شامل هوندي.

5. عالمي بئنڪ کان ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي جائزي توڙي انتظامن جي پلان جي منظوري، ۽ عالمي بئنڪ ۽ عملدرآمد ڪندڙ ٻنهي ادارن پاران انهن دستاويزن کي عام ڪرڻ.

6. ٺيڪيدارن سان معاهدي ۽ ٺيڪي جي دستاويزن ۾ اي ايس آءِ اي، اي ايس ايم پي ۽ ٻيا ماحولياتي ۽ سماجي دستاويز شامل هوندا.

7. عملدرآمد ڪندڙ ادارن/ٺيڪيدارن پاران اي ايس آءِ اي يا اي ايس ايم پي ۽ ٻين ماحولياتي ۽ سماجي دستاويزن تي عملدرآمد ڪرڻ.

8. ماحولياتي ۽ سماجي دستاويزن تي عملدرآمد جي نگراني

## ادارتي ۽ نگراني جا انتظام

سنڌ جي آبپاشي کاتي (SID)، ترقي ۽ رٿابندي کاتي (P&DD)، سنڌ حڪومت جي سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) ۾ قائم پي آءِ يوز ۽ ٻن ايجنسين پاران منصوبي جي سرگرمين تي عملدرآمد ڪرايو ويندو، جيڪو رپورٽنگ، مانيٽرنگ اينڊ ايووليوشن، سماجي ۽ ماحولياتي انتظام، پروڪيورمينٽ، مالي انتظامڪاري، آڊٽ ۽ ادائگين تائين محدود نہ هوندو. اُن سان گڏ لاڳاپيل ادارن ۽ عالمي بئنڪ سان رابطہ ڪاري بہ ان ۾ شامل آهن. ہ مڪمل پروجيڪٽ امپليمنٽيشن يونٽ (PIUs) سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن يونٽ ۾ قائم ڪيا ويندا، جنهن جي سربراهي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪندا، ۽ جيڪي سينيئر سرڪاري آفيسر هوندا. جڏهن تہ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پي آءِ يوز ۾ باقي عملو مقرر ڪندو، جن ۾ پروڪيورمينٽ، ماحولياتي ۽ سماجي انتظام، جينڊر، سيڪيورٽي، ڪميونيڪيشن، تعليم ۽ مالياتي انتظامن جا ماهر شامل هوندا. پي آءِ يوز جي فني معاملن ۾ مدد هڪ ڊزائيننگ اينڊ سپرويزن ڪنسلٽنگ فرم پاران ڪئي ويندي، ان سان گڏ انفرادي ڪنسلٽنٽ پڻ فني مدد فراهم ڪندا، خاص ڪري شروعاتي مرحلي کان پي آءِ يو جي قائم ٿيڻ تائين. هڪ پروجيڪٽ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي سربراهي رٿابندي ۽ ترقياتي بورڊ جو چيئرمين ڪندو، جيڪو مجموعي طور رابطہ ڪاري، منصوبي تي عملدرآمد جي نگراني ۽ منصوبي جي مالي خرچن جي اسڪيمز جي منظوري ڏيندو. تجويز ڪيل منصوبي جي سرگرمين تي عملدرآمد لاءِ عملدرآمد ڪميٽي (IC) بہ قائم ڪئي ويندي. اها عملدرآمد ڪميٽي هن حصي ۾ منصوبي جي سرگرمين ۽ رابطن جي ذميواري ادا ڪندي. جڏهن تہ عملدرآمد ڪميٽي پاران اڏاوتي ڪم سان لاڳاپيل کاتن وچ ۾ رابطہ ڪاري ۽ سهڪار لاءِ سهولتڪاري ڪئي ويندي. عملدرآمد ڪميٽي جي سربراهي سنڌ فلڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ ڪندو ۽ اُن ۾ منصوبي سان لاڳاپيل سمورن کاتن جي نمائندگي شامل هوندي. آءِ سي ۾ شامل هر کاتو منصوبي جي وقت سر تياري ۽ عملدرآمد لاءِ فني ۽ ادارتي مدد فراهم ڪرڻ جو پابند هوندو.

ٺيڪيدار اڏاوتي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ هن اي ايس ايم ايف مطابق ماحولياتي ۽ سماجي دستاويز تيار ڪندا. ان ۾ هيٺ ڄاڻايل دستاويز شامل هوندا:

- گندڪچري جي انتظام جا پلان
- ٽرئفڪ جي انتظام جا پلان
- ملازمن جي صحت ۽ تحفظ جا پلان
- طبعي ۽ ثقافتي وسيلن جي انتظامن جا پلان

پي آءِ يوز پنهنجي ماهرن ۽ فيلڊ عملي ذريعي اي ايس ايم ايف تي عملدرآمد جي تسلسل سان نگراني ڪندا. جڏهن تہ اُن جي بہ نگراني ڪئي ويندي تہ آيا هن اي ايس ايم ايف دستاويز ۾ شامل تجويزن تي عمل ٿيو. اُن ڪانسواءِ اثرن جي نگراني جي بہ نگراني شامل آهي تہ جيئن ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي موجودگي سوڌو اُنهن جي شدت جو اندازو لڳائي سگهجي.

اڏاوتي ڪم جي نگراني ڪندڙ ڪلنسلٽنٽس کي منصوبو تجويز ڪندڙن پاران مقرر ڪيو ويو آهي، جن جي ذميواري ۾ ذيلي منصوبن لاءِ ڪم دوران اي ايس ايم پي جي روزانو بُنيادن تي پي آءِ يوز جي طرفان نگراني بہ آهي، ۽ اها نگراني منصوبي جي ذيلي منصوبن جي اڏاوت دوران ڪئي ويندي. اُن سان گڏ وقت بوقت

رپورٽس بہ جمع ڪرائيندو. عام طور تي، عملدرآمد ڪميٽي ڪي منصوبي جي ماحولياتي ۽ سماجي رُخن جي حوالي سان هيٺ ڄاڻايل ذميواريون ڏنل هونديون آهن:

- ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن تي عملدرآمد بابت ٺيڪيدار پاران تيار ڪيل دستاويز جو جائزو
- ٺيڪيدار پاران اڏاوت ڪم دوران اي ايس ايم پي تي عملدرآمد جي روزانو نگراني. ڪنسلٽنٽ هيٺ ڄاڻايل عهدن تي مقررين جا پابند هوندا.

الف) ماحولياتي ماهر

ب) ايڪولاجسٽ

ٻ) سماجي ۽ آبادڪاري جو ماهر

ڀ) ملازمن جي صحت ۽ تحفظ جو ماهر

## شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار

هن منصوبي تي عمل ڪندڙ ادارن لاءِ شڪايتن جي ازالي جو تہ رُخو طريقيڪار قائم ڪيو ويو آهي، تہ جيئن منصوبي سبب متاثر ٿيندڙ ڌرين جي شڪايتن ۽ خدشن جو ازالو ڪرڻ ۾ مدد حاصل ٿئي. اهي شڪايتون منصوبي جي ماحولياتي، سماجي ۽ صنفي ڪارڪردگي جي حوالي سان ٿي سگهن ٿيون. اِن قسم جو طريقيڪار عملدرآمد ڪندڙ ادارن ۽ فائدو وٺندڙن وچ ۾ اعتماد جي فضا پيدا ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿو، جڏهن تہ منصوبي جي ڪري اختلافن، ٽڪراءُ، تڪرار ۽ بيچيني کي روڪڻ ۾ بہ مدد مهيا ڪري سگهندو. شڪايتن جو هي طريقيڪار اهڙي نموني قائم ڪيو ويو آهي، جو منصوبي سان لاڳاپيل سمورين ڌرين کي اُن تائين پهچ حاصل هوندي، ۽ اهو طريقيڪار سماجي توڙي ثقافتي طور سيني لاءِ قابلِ قبول هوندو.

## عارضي بجيٽ

هڪ عارضي بجيٽ مختلف خرچن جي مد ۾ تجويز ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي انتظامن تي عملدرآمد لاءِ بجيٽ جو ڪاٿو 212 ملين روپيا لڳايو ويو آهي.